# قومي، جمهوري ۽ انساني حقن جي جدوجهد جو هڪ مسئلو

رسول بخش پليجو

---

انگريزن جڏهن سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن ڪجهه دير ته ان کي سر چارلس نيپئر جي گورنري هيٺ الڳ رکيائون. پوءِ ڪيس چيف ڪمشنر جو علائقو بنايائون ۽ تنهن کان پوءِ ڪيس بمبئي سان لڳائي ڇڏيائون. سر چارلس نيپئر ان وقت جي حالتن آهر سراسري طرح نيڪ ۽ غريب دوست ماڻهو هو. سندس ٻيا ڪم ڏنڊا کهڙا به هئا پر پنهنجي آئرش فطرت مطابق هو ڌاڙين جو ويري ۽ هيٺن جو حامي هو.

چيف ڪمشنر جي دؤر ۾ سنڌ جڻ ته هڪڙي مغرور ۽ متڪبر انگريز ڪاموري جي جاگير بڻجي ويئي. اها انهن حقن کان محروم هئي، جيڪي پراڻن صوبن جهڙوڪ بنگال، مدراس ۽ بمبئي صوبن جي انگريز رعيت جي ماڻهن کي حاصل هئا. اهي صوبا انگريزن اوائلي دؤر ۾ حاصل ڪيا هئا. اتي ٿوري گهڻي تعليم ڏني هئائون. ماڻهن کي نهايت ابتدائي قسم جا جمهوري حق حاصل هئا. تنهن کان پوءِ مس مس سنڌ کي بمبئي صوبي ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن جي ڪري سنڌي ماڻهن کي بمبئي جي ٻين ماڻهن جهڙا قانوني حق مليا. قائدي قانون جي عملداري بهتر ٿي ۽ ماڻهن کي جمهوريت جي حوالي سان ٿورڙا ٿورڙا حق ملڻ شروع ٿيا. پر اڳتي هلي محسوس ڪيو ويو ته مسلمانن جي پسماندگي ۽ سنڌي وڏيرا شاهيءَ جي غلامانه ذهنيت، جهالت ۽ خودغرضيءَ جي ڪري عام سنڌي ماڻهو ايترو اڻ پڙهيل ۽ ڏتڙيل رهجي ويا هئا، جو بمبئي جي صوبي جي پنهنجي اڪثريتي پاڙن سان برابريءَ جي بنياد تي ڇتاڀيٽي نٿي ڪري سگهيا. تنهن ڪري هو ڏينهون ڏينهن انهن جي ڀيٽ ۾ پوئتي پوڻ لڳا.

1930ع جي ڏهاڪي ۾ اها ڪوشش شروع ٿي ته سنڌ کي الڳ صوبو بڻايو وڃي. ان تي وڏا بحث مباحثا ۽ وڏا مناظرا ٿيا. خود اسان جي سنڌ جي هندو

پڙهيل پيائرن جي وڏي اڪثريت سنڌ کي صوبو بنائڻ جي گهر جي مخالفت ڪئي. ڏسندي ڏسندي هي مسئلو سڄي هندستان جي مسلمانن جو مسئلو بڻجي ويو. هندستان ۾ مسلمانن جي اڪثريت وارا صوبا فقط بنگال ۽ پنجاب هئا. سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان صوبا ڪونہ هئا. اهڙيءَ ريت مسلمان علائقا پاڱي صوبائي درجي کان محروم هئا. هندستاني مسلمانن جي خواهش هئي تہ گهٽي ۾ گهٽا مسلمان علائقا صوبائي درجو حاصل ڪن. ڇو تہ هندستان جي آئيني جوڙجڪ ۾ صوبن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو. هندن ۽ مسلمانن مان جنهن ڌر جا صوبا گهڻا هجن ها انهن جو اثر رسوخ وڌيڪ ٿيڻو هو. ان ڪري جڏهن سنڌي مسلمانن جي اها ڪوشش شروع ٿي تہ سنڌ کي الڳ صوبو بڻايو وڃي، تڏهن سڄي هندستان جي مسلمانن ان مطالبي جي پٺڀرائي ڪئي. لنڊن جي گول ميز ڪانفرنس ۾ سنڌ جي حوالي سان ڪانفرنس جي بحث جو اهم موضوع هئي. نتيجي طور سنڌ هندستان جي سياست جو محور بڻجي وڏي اهميت حاصل ڪري ويئي. 1936ع ۾ جڏهن ان کاي صوبائي خودمختياري ملي تہ هندستان جي مسلمانن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي.

پاڪستان ٺهڻ ۾ سنڌ جي صوبائي حيثيت وڏو ڪردار ادا ڪيو. پاڪستان جو ٺهراءُ پهريائين سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ ئي بحال ڪيو. پاڪستان ٺهڻ شرط يو پي، سي پي ۽ پنجاب جي مسلمان پيائرن طرفان سنڌ کي ”فتح ڪري“ هڙپ ڪرڻ جي ڪارروائي شروع ٿي. اٿڻ شرط نہ صرف سنڌ جي اهم ترين ملڪيت يعني سندس تخت گاهہ ڪراچي کسيو ويو پر هٿرادا ڪارا قانون ٺاهي سنڌي گهرن، جاين، دڪانن ۽ ٻين کي زبردستي هندن جي ملڪيت ٺهرائي شهرن ۽ ٻهراڙين تي قبضا ڪيا ويا. ون يونٽ ٺاهي سنڌ جو وجود مٽائڻ ۽ ان جي وسيلن کي ڦٻائڻ جو عمل تمام تيز ڪيو ويو. سنڌي ٻولي ۽ تعليم ختم ڪئي وئي. سنڌ جي علم، ادب ۽ دانش تي بندش وڌي ويئي. ون يونٽ جي حوالي سان سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ ساڳئي ٻيڙي ۾ سوار هئا. بنگالين کي بہ ون يونٽ جي ڪري اڻ سڌي طرح زبردست نقصان ٿي رسيو. انهن حالتن جي دٻاءَ ڏسندي ئي ڏسندي، پاڪستان جي پنجن قميتن کي ٻن ڌڙن ۾ ورهائي ڇڏيو. هڪڙي پاسي هئا اسان جا پنجابي حڪمران طبقا ۽ سندن جوڙيوال اردو ڳالهائيندڙ نهايت چالاڪ ۽ هر فن موليٰ ڪاموراشاهي، طاقتور، تجربيڪار ۽ انگريزن جو نوازيل جگيردار طبقو. اسرندڙ سمائيدار طبقو ۽ يورپ ۽ آمريڪا جا لاتعداد پيلا روزگار هئا. اسان جي اردو ڳالهائيندڙ پيائرن جو جاگيردار پس منظر رکندڙ مڊل ڪلاس

نهايت تيز طرار ۽ ڳرو ملھ هو. سندس بيوراڪريسي ان وقت سڄي پاڪستان جي بيوراڪريسي تي ڇانيل هئي. پاڪستان فوج ۾ بہ سندس اثررسوخ هو. هي ٽولو حڪومت ڪرڻ جو هزار سالن جو تجربو رکندڙ هو. ڪيس اقليت ۾ رهندي اڪثريت ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇوڏو ڇوڏو ڪري، انهن ڪي پنهنجي آڱرين تي نچائي، انهن تي حڪومت ڪرڻ جا هزارين گر، داءُ ۽ پيچ آيا ٿي. اهي ٻئي فيل مست ۽ هڻ ڪڻ قوتون هڪڙي پاسي هيون.

ٻئي هئي پاڪستان جي ٻي ڇري عام مخلوق، جن ۾ بنگالي، بلوچ، پناڻ ۽ سنڌي اچي ٿي ويا. بنگالي سيني ڪان گھڻا بہ هئا ۽ ٻين جي ڀيٽ ۾ سياسي ويڙھ جا ڪاريگر بہ هئا. پناڻ ۽ بلوچ سڌا سنوان مڙس ماڻھو هئا. پناڻ تہ فوج ۾ بہ گھٽ ڪونہ هئا. هڪڙي پاسي فوج هئي تہ ٻئي پاسي بنگالين جي اڳواڻيءَ هيٺ سياسي فوج هئي. ان ڪري ٻئي ڌڙا ٿلهي ليکي برابر برابر هئا. سنڌي هڪڙي اهڙي ساٿ ۾ شامل هئا، جنهن ۾ انهن پاڻ ڪي مجموعي طور ڪمزور ۽ اڪيلو محسوس نٿي ڪيو. ان ڊوڙ ۾ ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ سوڀ ٿيڻ جو ۽ ايوبي آمريت ٽٽڻ جو بنيادي سبب بہ اهو ئي قومن جو ساٿ هو. قومن جو اهو ساٿ نہ هجي ها يا بنگالي ون يونٽ هوندي اسان ڪان الڳ ٿي وڃن ها تہ ون يونٽ اڄ تائين اسان ڪي پيڙهي ناس ڪري ڇڏي ها ۽ هرگز نہ ٽٽي ها. ان دور ۾ جيڪي جدوجهدون هليون تن ۾ انهن سيني صوبن پنهنجي پنهنجي پتيءَ جا ڪارناما ادا ڪيا. هر هڪ صوبي جي ماڻھن ڪي دل جو ڏڍ هو تہ اسين اڪيلا ناهيون. وڏي ساٿ سان گڏ آهيون. ان دور ۾ سڄي پاڪستان جي ون يونٽ مخالف ۽ آمريت مخالف ماڻھن ۾ زبردست جذباتي هم آهنگي ۽ اتحاد هو. هتان ماڻھو لاهور، پشاور، ڪوئٽا يا ڍاڪا ويندو هو تہ اتي جا جمهوريت پسند ماڻھو سندس وڏي آجيان ڪندا هئا. سنڌي ماڻھن ڪي تہ خاص ڪري هر صوبي ۾ وڏي عزت سان ڏنو ويندو هو. آئون ڪيترا ڀيرا بنگال ويس، مون ڏٺو تہ اتي "شنڌو" (سنڌي) لفظ وڏي مان، وڏي احترام وارو لفظ ليکبو هو. ساڳي طرح جڏهن پشاور يا ڪوئٽا ويندا هئاسين تہ ماڻھو سنڌي هئڻ ڪري الاهي عزت ڏيندا هئا.

ون يونٽ ٽٽڻ ڪان پوءِ يحيٰ عام چونڊون ڪرايون. سنڌي ماڻھن پيپلز پارٽيءَ جي قيادت قبول ڪئي ۽ ان ڪي شاندار نموني ڪامياب بنايو. ان ڪان پوءِ بنگال جو معاملو شروع ٿيو. ان معاملي ۾ سنڌ جي قيادت ۽ يحيٰ شاهي فوجي ٽولي جو نقط نظر ۽ عملي لائحہ عمل ساڳيو هو. ان جي ڪري بنگالي ماڻھو ۽ سنڌي ماڻھو سياسي طرح هڪ ٻئي ڪان ڇڄي ڌار ۽ هڪ ٻئي جي مخالف ٿي ويا.

بنگالي سنڌين کي جمهوري جدوجهد سان ويساهه گهاتي ڪندڙ ليکڻ لڳا. بنگال جو ٽٽڻ سنڌي ماڻهن جي قومي وجود جي ڪرنگهي جي هڏي جي ٽٽڻ جي برابر ٿي ويو. سنڌ پنهنجي وڏي ۾ وڏي ۽ سڀ کان طاقتور فطري اتحادي کان محروم ٿي وئي. بنگالي اهڙي ڏر هئا جيڪي سنڌين، بلوچن، پشتونن جي ساٿ سان وڏي خوشيءَ سان پاڪستان جي اقتدار ۾ اچي پئي سگهيا. هو ڪنهن به جنرل يحيٰ، جنرل گل حسن، جنرل رحيم جي آشيرواد کان سواءِ پنهنجي پيرن تي بيهي حڪومت ڪري ٿي سگهيا. هو ڪنهن به اسٽيبلشمينٽ، ڪنهن به آقا سان ڪريل قسم جي سوديبازي ڪرڻ، ان جي غلامي قبول ڪرڻ ۽ ان جي اشارن تي نچڻ کان سواءِ پاڪستان جو جمهوري نظام هلائڻ جي پوزيشن ۾ هئا. انهن سان جيڪو سنڌي ماڻهن جو اتحاد هو، اهو اتحاد اڳتي هلي حقيقي ۽ خودمختيار طاقت حاصل ڪري سگهيو ٿي. ان کي ڪنهن جي به، ڪنهن به قسم جي چمچاگيري ڪرڻ جي ضرورت ڪا نه هئي ۽ جيئن هندستان ۾ سياسي پارٽيون حقيقي ۽ فل پاور سان اقتدار ۾ اچن ٿيون، تيئن هي اتحاد به اچي پئي سگهيو. بنگالين جي ٽٽي وڃڻ کان پوءِ اهي امڪان ختم ٿي ويا. سنڌي ماڻهو دائمي طرح اهڙي ڪمزور ۽ محتاج پوزيشن ۾ اچي ويا ۽ پنجابي حڪمران طبقو ۽ سندس جوڙيوال اردو ڳالهائيندڙ سنڌي مخالف بيوروڪريسي ۽ مڊل ڪلاس هميشه هميشه لاءِ پاڪستان جي مٿان هڪڙي دائمي برتري واري پوزيشن ۾ اچي ويا. جيڪو ڪيس اوير بنگال جي الڳ ٿيڻ کان اڳ ۾ حاصل ڪانه هئي.

ايئن سوچڻ لاءِ قوي سبب آهن ته جيڪڏهن اسين سنڌي بنگالين جو ساٿ ڇڏي سندن مخالفن سان ملي يحيٰ شاهي آمريت جو اهڙو پير جي ڏؤنڪي تي جوشيلو ساٿ نه ڏيون ها ته يحيٰ شاهي فوجي ٽولو اسان جي همدرد، خيرخواه ۽ فطري اتحادي بنگالي قوم کي ايئن بيدرديءَ سان چيپاٽڻ ۽ سنڌين کي پنهنجي طاقتور ۽ فطري قومي اتحاديءَ کان هميشه هميشه لاءِ محروم ڪري ڇڏڻ ۽ سنڌي قوم جي سياسي چيلهه ٽوڙي ڇڏڻ ۾ هرگز ڪامياب نه ٿين ها.

سنڌي ماڻهن جي قومي اڪيلائيءَ ۾ رهيل ڪهيل ڪسر بلوچستان تي چڙهائيءَ پوري ڪري ڇڏي. ان چڙهائيءَ دوران سرحد ۽ بلوچستان جي غريب عوام ۽ جمهوريت پسند نوجوانن قومي اڳواڻ سان جيڪا هلت هلي وئي، ان جي مدنظر سنڌي ماڻهو ان ساٿ جي باقي رهيو ساٿين يعني.... بلوچن ۽ پشتونن کان به ڪٽجي ويا. ايئن سمجهيو ويو ته سنڌي پنهنجي اصلوڪي سموري ون يونٽ مخالف، آمريت مخالف جمهوري ساٿ جا دشمن بڻجي وڃي ان جي مخالفن سان

مليا آهن. جيتوڻيڪ بلوچ پشتون حڪمران طبقا بہ ڪي ايڏا وڏا وفادار، سچار، مستقل مزاج ۽ سورهيہ جمهوري سپاهي نہ هئا پر تہ بہ هڪڙو قومي ساٿ، هڪڙي قومي پائپي ۽ برادري هئي. هڪٻئي لاءِ احساس هو. هڪڙي دائمي قسم جي جٽادار ۽ بقا واري دوستي هئي. اها بلوچستان تي چڙهائي کان پوءِ ٽٽي ويئي ۽ سنڌي ماڻهن کي تمام حقارت سان اسٽيبلشمينٽ جو ايجنٽ، دلال ۽ نمائندي طور سمجهيو وڃڻ لڳو. اسان لاءِ انهن علائقن ۾ جيڪا بيپناهہ محبت هئي اها نہ رهي. ايئن معلوم ٿيڻ لڳو ڄڻ اسين هڪ ٻئي لاءِ اجنبي آهيون. ماڻهو اسان کي شڪ سان بلڪہ دشمني سان ايئن ڏسڻ لڳا تہ ڄڻ اسين اهي ماڻهو هجون جيڪي ٿيو پيئي تنهن ۾ هي سڀ وارو وارو ڪرڻ ۽ تاڙين وڄائڻ وارا هئا. اسان هنن سان گڏجي ون يونٽ ٽوڙڻ جي جدوجهد ڪئي هنن صلو اهو ڏنو جو منجهائن هڪڙن ويهي اسان سان ڪربلائون ڪرايون ۽ ٻين ويهي اهو تماشو ڏٺو ۽ تاڙيون وڄايون.

اڄ اسين پاڪستان ۾ قومي دوستي جي خيال کان اڪيلا ۽ ذري گهٽ نڌڻڪا آهيون. اسان جي گهر ۾ اسانجي خلاف جڏهن دهشتگرديون ٿين ٿيون تہ پاڪستان جا ٻيا سڀ ماڻهو اڪثر تماشو ويهي ڏسن ٿا ۽ انهن کي جذباتي ۽ فڪري طرح اسان جو ڪو بہ خاص احساس ٿيندو نظر نٿو اچي. اسين پاڪستان جي عوام کان، پاڪستان جي جمهوري وهڪرن جي دنيا کان ڪٽجي ڪم ڪڍائو، ٽئيم پاس ڪرڻ واري موقعي پرست ۽ پيداگير وڏيرڪي لوٽي سياست جي کن ۾ وڪوڙجي ويا آهيون.

اسان جي قومي، جمهوري ۽ انساني حقن جي جدوجهد جو هڪڙو اهم مسئلو آهي تہ اسين پنهنجي ان اڪيلائي ۽ بيوسيءَ جي ڪارڻ ۽ انهن کي ختم ڪرڻ بابت سنجيدگيءَ سان سوچيون.

★

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books